# جا چتايم چت ۾

## موهن گيهاڻي



*With Best Compliments From*

# Cipla

Innovative Drug Technology

- a tradition and a promise

Cipla Ltd. Mumbai Central,
Mumbai – 400 008.

# جا چتايم چتَ ۾

’سپ ڪا پريان ڪونه پوڄي
نيهن نيڻن ڳڻ ڳالهه وو
جا چتايم چت ۾ سڄڻ سا تو ٻجهي
رات جا لطيف جي، سڏ تنهنجو شڄي.‘
- شاهه لطيف

ليکڪ
موهن گيهاڻي

ارپڻ
پنهنجي بزرگ اُستاد
سدا حيات پروفيسر ايم يو ملڪاڻيءَ کي
- موهن

بيسٽ سنڌي سڀا ممبئي ۳۹، پشپ ۴۲، سال ۴۲. سن ۱۹۹۹ع

# JA CHITAYAM CHIT MEIN

Author:
Mohan Gehani
2A/3 Ratan Nagar
4 Banglow, Varswa Rd.
Mumbai 400058

Indian High School
P. O. Box -106
Dubai (UAE)

Copies: 500
Cost: Rs. 50/-

Printer: Art & Image
212, Allied Industrail estate
Mahim, Mumbai 400016
Tel.: 4464134 - 4465972

Cover: Shri Ram Lalchandani

Publisher: BEST Sindhi Sabha
Mumbai 400039
Tel.: 5403758

## سلسلو

١. ديوان ڏيارام گدومل 11

٢. شاهه تي تنقيد 16

٣. لاکيٽو لعل 25

٤. اسانجي دنيا، اسانجا اديب 34

٥. تصوف ۽ ويدانت 39

٦. حاسد جو 'موکو' ۽ 'اڄ' 57

٧. سچائپ جو سنکٽ 62

# سيا ۽ پشپ جا مالهي


مرتب: هولارام هنس

پانهن ٻيلي:
ڪنعيو تولاڻي
سريچند چاٻڙيا
روپچند ڪيماڻي

پبلشر:
سيڪريٽري،
بيسٽ سنڌي سڀا،
بيسٽ هائوس،
ممبئي- ٤٠٠٠٣٩

پرنٽر:
آرٽ ائنڊ اِميج،
٢١٢، الائيڊ اِنڊسٽريئل اِسٽيٽ،
مهيم، ممبئي- ٤٠٠٠١٦.
(فون: 4465972-4464134)



پريزيڊنٽ:
ڊاڪٽر رام آهوجا

سيڪريٽري:
شري هولارام هنس

جائنٽ سيڪريٽري:
شري سريچند چاٻڙيا
شريمتي ستي ڏيوناڻي

خزانچي:
شري روپچند ڪيماڻي

آڊيٽر:
شري ڪنعيو تولاڻي

ڪاميٽي ميمبر:
شريمتي ميران گيهاڻي، شريمتي واسواڻي، سرو شري سريچند چاٻڙيا، چگاڻي آنند، ڪيسواڻي، لعل چئنچلاڻي ۽ مس آهوجا سلوچنا.



پشپ - ٤٢ سال - ٤٢ ١٩٩٩

Statement as per Press & Registration
Book - Act
From IV

# PUSHP
# BEST SINDHI SABHA

| | |
|---|---|
| 1. Place of publication: | Mumbai |
| 2. Periodicity of Publication: | Yearly |
| 3. Printer's Name: | RAM LALCHANDANI |
| Nationality: | Indian |
| Address: | ART & IMAGE<br>212, Allied Industrail Estate,<br>Mahim, Mumbai-400016.<br>Phone: 4464134-4465972. |
| 4. Publisher's Name: | Holaram Hans |
| Nationality: | Indian |
| Address: | 3/3, Saraswati Nagar,<br>Thane- 400603. Tel: 5403758. |
| 5. Editor's Name: | Same as above |
| Nationality: | ,, |
| Address: | ,, |
| 6. Name & Address of: Individual who own the News Paper & Parties or Shareholder holding more than one percent of the capital. | BEST SINDHI SABHA<br>B.E.S.T. House,<br>Mumbai- 400039. |

I. Holaram Hans hereby declare that the Particulars given above are True to the best of my knowledge and belief.

HOLARAM HANS

Signature of publisher



شري ايم. ايس. لالُ

پہ لفظ

اڄ سيا جو ۴۲ جنم دن آهي. هنن سالن ۾ اسان سيا پاران ۵٦ ڪتاب شايع ڪيا آهن. سنڌي زبان جي مايہ ناز ڪهاڻيڪارن ۽ ڪوين، ناول نگارن ۽ مضمون نويسن جون لکڻيون شايع ڪري اسين آنند جو آڀاس محسوس ڪري رهيا آهيون. هن سال، موهن گيهاڻيءَ جا مضمون ۽ ٻي سال نئين صديءَ ۾ پيڙ ماهتاب محبوب (سنڌ) جي ڪا عمدي اشاعت پيش ڪنداسين.

سرڳواسي شري ايم. ايس. لال اسان جي چولي ۾ چٽنگ ڏڪائي تہ سنڌي ساهت، پين ٻولين ۾ وچڙ ڪپي. هن صاحب آسان کي ٽي چار ناياب ڪتاب پاڻ بہ انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري ڏنا. سندس ترجمو ڪيل ڪتاب 'Secrets of Happy and Successful life' ستن سالن ۾ نوَ دفعا شايع ٿيو آهي. هن صاحب جي ياد ۾ اسين ڪو يادگار ڪڙو ڪرڻ چاهيون ٿا. آمين. هيءُ صاحب پنهنجي ڪاريہ جي ڪري اڄ بہ آسانجي دلين ۾ امر ۽ اجر آهي!

سيوا ۾

پشپ ڪاميٽي

ڏياري ١٩٩٩.

# موهن ۽ سندس مضمون

اسان کي خوشي آهي تہ هن سال اسين شري موهن گيهاڻيءَ جا مضمون پيش ڪري رهيا آهيون. ڄاڻن جو رايو آهي تہ ادب جي خشڪ ۽ ڏکي ۾ ڏکي شاخ آهي 'مضمون'. موهن پنهنجي مطالعي ۽ مشاهدي، شعور ۽ شناس سان هن شاخ کي دلپسند ۽ وڻندڙ بڻائي اسان جي اڳيان پيش ڪيو آهي. هنن ادبي مضمونن ۾ هن جا خيال، رايا ۽ ويچار پڙهي معلوم ٿئي ٿو تہ هو ڪيتري نہ ڄاڻ رکي ٿو! هنن مضمونن مان هن جي شخصيت جو اظهار پڻ ٿئي ٿو. سندس تربيت، ٻوليءَ تي دسترس ۽ خيالن جو خزانو پسي اسين دنگ رهجي وڃون ٿا.

Bacon بيڪن وانگر هن کي مختصر چٽڪا پيش ڪيا آهن ۽ مانٽين Montaign وانگر پنهنجن مضمونن ۾ پنهنجي چترڪاري ڪئي آهي.

هن مصنف جي گهري نگاهہ، حوصلو، سنڌي زبان تي عبور، شعور، فلسفو، فن ۽ فڪر منهنجي من تي گهاٽي جُهڙ وانگر ڇائنجي ويا آهن.

لکڻ آهي اکرن ذريعي ڳالهائڻ! آءٌ يايان پيو هن اديب جو درجو هڪ تاريخ نويس کان گهٽ ڪونہ آهي.

موهن، قد جو پورو پنو، شڪل جو سانورو، ڪليل پيشاني، شاندار شڪل، موهيندڙ مُرڪ، خوش مزاج، رحمدل، طنز ۽ مذاق جو ڪوڏيو. آهي ڪامريڊ پر رهندو راجائن وانگر آهي. اسان کي هڪ ٻنواس پر هنکي بہ ٻنواس.

هيءَ فقط مضمون نہ پر ڪهاڻيون ۽ ڪويتائون بہ لکندو آهي. پاڻ بہ ڪلاڪار تہ سندس ڌرمپتني بہ ڪلاڪار آهي. هن سڄي عمر، ڪلا ۽ سونهن جي سوداءَ ۾ گذاري ڇڏي آهي.

هن جي اک ۽ دل ٻين اِنسانن جي اکين ۽ دلين کان مختلف آهي. هو پنهنجي ماحول ۽ روح ۾ جي ڳالهيون محسوس ڪري سگهيو ٿو، سي ٻين جي احساسن کان مٺيريون آهن؛ ۽ جنهن طرح هو انهن کي لفظن جو جامو پهرائي سگهيو ٿو، ان طرح هر قلمڪار ڪونہ ڪري سگهي.

شل نئون سال اوهان لاءِ سک ۽ سمپتي آڻي!

سيوا ۾

هولارام هنس

ڊيٻاري ۱۹۹۹

# موهن گيهاڻي - ويچارڪ، ليکڪ ۽ ساهتيڪار

ائين چيو ويندو آهي تہ هر سٺو ساهتيڪار، ويچارڪ بہ هوندو آهي، البت هر ويچارڪ، ساهتيڪار بہ هجي اهو ضروري نہ آهي؛ جيتوڻيڪ هر ويچارڪ، ليکڪ تہ هوندو ئي آهي. هتي ساهتيڪار ۽ ليکڪ جي وچ ۾ جيڪو فرق آهي اهو سمجهڻ گهرجي.

'ساهتيڪار' جو مطلب آهي جيڪو سرجناتمڪ ساهتيہ (ڪوتا، ڪهاڻي، ناول وغيره) جو رچيندڙ آهي پر 'ليکڪ' جو مطلب ڪنهن بہ لکيل رچنا جي رچيندڙ سان آهي. هرڪو ويچارڪ پنهنجي ويچارن کي ظاهر ڪرڻ چاهي ٿو ۽ ويچار جي اِظهار جو مکيہ وسيلو آهي ڀاشا. ڀاشا جي ڳالهائيندڙ تہ 'ڀاشڻ' ڏيندو ۽ جي لکجي تہ 'ليکہ' ٺهندو. ان ڪري اڄ جي زماني ۾ هرڪو ويچارڪ ليکڪ بہ آهي پر اِهو راڌاڪرشنن هجي، جي- ڪرشنا مورتي هجي، آچاريہ رجنيش هجي يا ساڌو واسواڻي هجي. اهڙا مثال بہ گهٽائي آهن جن ۾ ويچارڪ نہ رڳو ليکڪ آهن پر ساهتيڪار بہ آهن. سنڌيءَ جي اهڙن شخصن ۾ موهن گيهاڻيءَ جو نالو بہ شامل ڪري سگهجي ٿو؛ يعني موهن گيهاڻي هڪ ئي وقت ويچارڪ، ليکڪ ۽ ساهتيڪار آهي.

اهو سچ آهي تہ موهن گيهاڻيءَ جيو ۽ جڳت سان واسطيدار پنهنجو ڪو الڳ سڌانت يا فلسفو ڪونہ ڏنو آهي پر سنڌيءَ ۾ ترقي پسند ڌارا جي ڇنڊڇاڻ ڪندڙ ۽ لکندڙن ۾ موهن کي پنهنجي هڪ الڳہ جاءِ آهي.

موهن سٺو ليکڪ ۽ سٺو ساهتيڪار آهي. ائين تہ موهن جون هن کان اول بہ ڪيترين ئي رچنائون شايع ٿي چڪيون آهن پر سندس تازا شايع ٿيل بہ ڪتاب سندس ليکڪ ۽ ساهتيڪار هئڻ جا بهترين مثال آهن. سنڌ جي اِتهاس جي جهلڪ ڏيندڙ 'جهلڪون' موهن جي سٺي ليکڪ هئڻ جو ثبوت آهي ۽ سندس ڪوتائن جو مجموعو 'ڀوڳ ڀڪڙيندي' ڪيس سنڌيءَ

جي سٺن ساھتيڪارن جي صف ۾ جڳھ ٿو بخشي.

جھڙيءَ ريت ليک ۽ ساھتيڪار ۾ فرق آھي. ساڳيءَ طرح سان 'مضمون' يا ڄاڻ واري مضمون يا ليک، ساھتيڪ مضمون يا ليک ۾ بہ فرق ٿئي ٿو. ڄاڻ وارو مضمون (Informative article) گيان جي ڪنھن موضوع تي لکيل ٿئي ٿو جنھن ۾ واسطيدار وشيہ جي حقيقتن جو بيان ٿئي ٿو. ان ڪري اھڙا مضمون خارجي ٿين ٿا. اھڙي مضمون ۾ ڪلپنا جو ڪو دخل نٿو ٿي پر ساھتيڪ مضمون (Literay article) ۾ ڪلپنا ۽ شئليءَ جو دخل ٿئي ٿو. ساھتيڪ مضمون ۾ حقيقتون رڳو ڪلپنا لاءِ آڌار جو ڪم ڪن ٿيون. اتھاس، ڄاگرافي، منووگيان، ڀاشا وگيان وغيره وشين تي لکيل مضمون، گيان وارا ليکہ ٿين ٿا. اُھي ساھتيڪ ليکہ نہ آھن. ساھتيڪ مضمون ۾ رچناڪار پنھنجي شخصي انيو ڀَي ڪلپنا جي آڌار تي ھڪ مخصوص شئليءَ جي دواران اظھاري ٿو. اُن ڪري ساھتيڪ مضمون داخلي يا رچناڪار سان واسطيدار ٿين ٿا. ڪي اھڙا مضمون بہ ٿيندا آھن جيڪي ھڪ ئي وقت خارجي ۽ داخلي ٿيندا آھن يعني جن ۾ ھڪ طرف حقيقتن جي ڇنڊڇاڻ ھوندي آھي ۽ ٻئي طرف اھي پڙھندڙ جي من ۾ ھڪ خاص سنويدنا پيدا ڪندا آھن، جيڪو ساھتيہ جو مکيہ مقصد آھي.

موھن گيھاڻيءَ جي موجوده مجموعي جا مضمون بہ ھڪ ئي وقت خارجي، داخلي ۽ خارجي داخلي آھن. ھيءُ مضمون مکيہ طرح سان ڀاشا، ساھتيہ، اتھاس، ڌرم سان واسطيدار ڪن حقيقتن جو بيان ڪن ٿا پر ساڳئي وقت انھن ۾ لکندڙ جو سوچ ويچار جذبو بہ سمايل آھي جنھن ڪري ھنن مضمونن کي پڙھندي پڙھندڙ نہ رڳو ڪنھن موضوع جي ڄاڻ حاصل ٿو ڪري پر ان ڄاڻ تي سوچڻ بہ ٿو لڳي ۽ ھڪ خاص جذبي جو بہ ان تي اثر ٿو ٿئي. مثال طور 'اسانجي دنيا- اسانجا اديب'، 'تصوف ۽ ويدانت'، شاھ تي تنقيد 'سچاٽپ جو سنڪٽ' مکيہ طرح سان خارجي مضمون آھن، حاسد جو

# BEST SINDHI SABHA

Estd. 1958

***Service to Humanity***
***is service to God***

We, the members of BEST Sindhi Sabha express our profound admiration to

## Shri Nari Gursahani

for his dedicated service and commitment to Sindhi community, his unrelenting fight for protecting and promoting rights of Sindhis and his sustained efforts for the upliftment of the community spread over to a period exceeding 50 years particularly in the social and educational fields.

We heartly extend our best wishes and sincerely pray to God Almighty to bestow him with robust health and longevity to continue to serve the community.

*With Best Compliments From:*

**Thakurdas T. Kursija**

# NSC

# Nirmal Sales Corporation

# Mahavir Industries

*Authorised Agents:*

***UNIVERSAL STARCH-CHEM ALLIED LTD.***
***RAWAL AGRO CHEM IND. PVT. LTD.***
***UNIQUE SUGARS LTD.***
***KREATIVE (Export & Import) PVT. LTD.***

Bakery Plot No. 17,
Tekchand Industrial Compound,
Sadhu Vaswani Nagar, Thane (East),
(O) : 541 5659, 540 4302, 542 3866
Fax: 22-542 5734

مائٽ پنهنجن ٻارن کي ٻاهر وڃڻ نه ڏيندا هئا، تنهنڪري سنڌ ۾ اوچي تعليم خير ڪا هئي. ڏيارام سنڌ ۾ ڪاليج برپا ڪرڻ جي سرتوڙ ڪوشش ڪئي. هن هڪ اپيل ڪئي جنهن ۾ ڏيکاريائين ته سنڌ کي ڪاليج جي ڪيتري نه ضرورت آهي. پر ڳالهه ڪا سولي ڪانه هئي. هنکي سخت مخالفت کي منهن ڏيڻو پيو. سن ١٨٨٥ ۾ هن مخالفتين کي جواب ڏيندي ٻي اپيل ڪئي، جنهن ۾، بمبئي، مدراس، ۽ بنگال جي پرڳڻن تي اوچي تعليم جو سٺو ۽ فائديمند اثر ڏيکاريندي لکيائين، 'سکيا نوجوانن کي ڌرم جي برخلاف ۽ سرڪار سان بيوفا نٿي ڪري، بلڪ ڌرمن ۾ جيڪو سچو حصو آهي، تنهن کي اوچ سکيا مان تقويت ٿي ملي ۽ انڌي وفاداري بدران سمجهو وفاداري ماڻهن ۾ پئدا ٿي ٿئي.' ائين سنڌ آرٽس ڪاليج برپا ٿيو جو پوءِ ڏيارام جيٺمل سنڌ ڪاليج ڪوٺيو ويو ۽ حيدرآباد جو نئشنل ڪاليج ڪوٺيو ئي، 'ڏيارام گدومل نئشنل ڪاليج' ويندو هو. هڪ هنڌ لکي ٿو، 'اسڪول اسان جا باغيچا آهن، جتي انساني گل پئدا ٿيندا آهن.' 'اسانجو تعليم سرشتو' نالي ڪتاب ۾ لکي ٿو، 'شاگردن جو وقت بچايو، هرڪنهن کي پنهنجي قدرتي ڏات جو فائدو وٺڻ ڏيو... هرڪنهن کي پنهنجي ماترڀاشا ذريعي گيان ڏيو.'

'يونين ائڪڊمي' جا پوءِ 'نولراءِ هيرانند ائڪڊمي' بڻي، سان پڻ هنجي ئي محنت سان برپا ٿي. زناني تعليم جي پرچار ۽ اسڪولن کولڻ ۾ به هنجو وڏو هٿ هو.

ديوان ڏيارام، جا 'سماج سڌارڪ' ۽ 'ليکڪ' جا رول هڪ ٻئي سان جڙ ڳنڍيا پيا آهن. اهو شايد انڪري آهي، جو ڏيارام ساهت کي سماج کي بهتر ڪرڻ جو واهڻ ڪري ڪم آندو. هن اهو محسوس ڪيو ته جيڪو ساهت سماج جو سڌار نه ٿو ڪري، انهيءَ کي ايتري اهميت ڪانهي تنهن ڪري ئي شايد سندس ڪيترا ڪتاب وقت جي ٻرندڙ مسئلن تي لکيل آهن.

زالن جي قياس جوڳي حالت ڏسي، ڪين ڏاڍ ۽ ظلم جو ستايل ڏسي، هن هڪ ڪتاب لکيو، 'زال ذات خلاف ست پاپ'، جنهن ۾ هن ننڍپڻ جي شادي، وڏوا وواهه تي روڪ ۽ ٻين ڪيترين ڪرسمن خلاف بلوي جو جهنڊو بلند ڪيو. هن ڏيکاريو آهي ته زالن کي جمڻ کان وٺي موت تائين ڪيئن نه ظلم ٿا سهڻا پون. سندس سماج سڌار جي چاهنا، صرف ڪالمن ڪارن ڪرڻ ۽ قلمي گهوڙن هلائڻ تائين محدود نه رهي پر هنجي چاهنا، 'سماج سڌار سڀا' جو چلو روپ ورتو، جنهن زالن جي واڌاري

لاءِ ڏيتي ليتي خلاف ڪم ڪيو.

ديوان ڏيارام جو، سماج سڌاري جو نظريو صرف ڌرمي ڪرسمن کي نندڻ تائين محدود نہ رهيو پر هن سماج جي آرٿڪ حالت سڌارڻ جي بہ ڪوشش ڪئي، جنهن ڪانسواءِ هرڪو سماج سڌار جو ڪم جڻ واريءَ جي قلعي مثل آهي. هنڪان اڳہ داني پرش ڪنهن هڪ شخص کي دان ڏيئي، هنکي مدد ڪندا هئا، پر تنهنڪري سماج مان نابرابري نڪري وڃي يا آرٿڪ واڌارو ٿئي ۽ پڙهيل شخص هميشه لاءِ آرٿڪ تڪليف کان آجو ٿي وڃي، ائين ٿيڻ مشڪل هو. پر ڏيارام جديد ويچارن موجب هنري مرڪز کوليا، جنهن ۾ هر ڪنهن شاگرد کي پنهنجي پسنديءَ جي هنر ۾ سکيا ڏني ويندي هئي. سندس خيال هو، ’هرهڪ کي دان ڏيڻ جو ڪم ائين هلائڻ گهرجي، جو ٿي سگهي تہ پاڻ مرادو هميشه هلندو رهي ۽ منجهانئس گهڻي کان گهڻو فائدو پهچي. اُنهيءَ طرح سچي قربانيءَ سان سچي سمجھ بہ هلائڻ گهرجي.‘[1] سندس خيال موجب شاهوڪار غريبن جا ٽرسٽي آهن چاڪاڻ جو سچي پيدائش سندن ئي آهي. هڪ هنڌ چوي ٿو، ’شاهوڪار نہ ٿو سمجهي تہ مان قرضي آهيان، عالم نٿو سمجهي تہ مان قرضي آهيان، ٻئي ٻي فرض، بيغرض ۽ بي قرض آهن. نٿا سمجهن تہ مٿن مسڪينن ۽ نادانن کان وڌيڪ قرض آهي ۽ وڌيڪ جوابداري. نہ ٿا سمجهن تہ نوڪر آهن ۽ نہ خاوند، تہ ڌن وٽن ڌروات طور آهي چڱن ڪمن ڪرڻ لاءِ ۽ نہ پنهنجي تن پروري ۽ سرخروئي لاءِ.‘[1]

سڀ کان وڌيڪ اهم ڳالھ سندس سماج جو نظريو آهي جو صرف وچولي طبقي تائين محدود نہ آهي، پر اڳتي وڌي وڌيڪ اونهو پيهي سماج جي هيٺ ڪريل انسانن کي ڇهي ٿو. ٣٠ جنوري ١٩١٣ تي راءِ بهادر مرليڌر ڏانهن خط ۾ لکي ٿو، ’منهنجي دل ۾ اُمنگ آهي تہ ڪڙمين جي اوسٿا سڌارجي ۽ اُنهنجي شيوا لاءِ سيلاني سورما مقرر ڪجن، جي ڪين نندين وڏن ظلمن کان بچائين.‘[2]

ديوان جو ساهتڪ درشٽي کان پهريون ڪتاب آهي. ’ڪجھ سنڌڙيءَ بابت‘، جنهن ۾ شاه عبداللطيف ۽ سندس ڏاڏي عبدالڪريم بلڙيءَ واري جو احوال اچي ٿو. هن ان ڪتاب ۾ سيوهڻ، ڪافر قلع، سوا لک پير، ڀڳو لوڙهو، سهڻي سنڌو وغيره جو سهڻو بيان ڪيو آهي. جڻ سچي سنڌي جي آتما ڪولي رکي اٿس، پڙهندڙ تہ ڀيا ڏسن ۽ ڏسي خوش ٿين ۽ قدر ڪن.

لکيا آهن. ٽن ورهين جون داخلائون ڇپيل صورت ۾ موجود آهن ۽ هرهڪ جلد ۾ ٧ ڀاڱا آهن يعني ڪل ٢١ ڀاڱا آهن، جنجا سرا جدا جدا ڏنل آهن. جيتوڻڪ ڏيارام هننکي شعر ٿو ڪوٺي، پر اهي شعر نہ آهن. منجهن نہ آهي پرواز، نہ تصور ۽ نہ ئي وري بحر وزن آهي، آهي ويچارن جي وهڪ، سا پڻ گهڻو ڪري ڏرمي ۽ آتمڪ. ها پر هننکي شعر نہ چوندي بہ سٺو نظمي نثر تہ چوڻو ئي پوندو. هن ۾ ڪيترائي وگيان ۽ تاريخ بابت ويچار آهن. مثلا هو چوي ٿو:

’جنگہ سان نہ جنگہ هٽائي سگهبي.‘

اها تاريخ جي فتويٰ آهي...

شاه عبداللطيف وانگر هن بہ سنڌي جي بهتريءَ ۽ بهبوديءَ لاءِ ڏٺيءَ در پرارٿنا ڪئي آهي جا سندس حب الوطني جي ساک ٿي ڀري. هڪڙي هنڌ لکيٿو:-

’سنڌ غريبڙيءَ ۾ ستگرو- ڏياري پنهنجيءَ جو ڏيو ٻارج.

سنڌ غريبڙيءَ ۾ ستگرو- منائي پنهنجيءَ جو ڀاڳہ وراهج.‘

ديوان صاحب جا ’ماءُ ۽ ڌيءَ‘ ’لوپ جو مهاتم‘ ۽ ’ست سهيليون‘ زوردار ۽ سليس نموني ۾ لکيل آهن، جن ۾ ادبي عناصر قائم رکندي کين نہ صرف وندر جو پر سماج سڌار جو بہ واهڻ بڻايو ويو آهي.

پرنسيپال اجواڻي هنجي نثر بابت لِيڪ چيو آهي، ’انهيءَ نثر ۾ اُها آتاهين آهي، سوکيمتا آهي، اُها فصاحت ۽ بلاغت آهي جا ٻئي ڪنهن سنڌي نثر ۾ ڳولهي نہ لڀندي. هن صاحب جي ’سامي جي سلوڪن جو سار‘ ۽ ’عمر خيام جو سار‘ (جي ٻئي مهاڳہ آهن) ۽ يوڳہ درشن پڙهڻ کانپوءِ ڪنهن کي بہ دانهن جو سبب نہ آهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڳوڙهي ۾ ڳوڙها ۽ باريک ۾ باريک مسئلا ورنن نہ ٿي سگهندا يا اُنهن ٿي وياکيا نہ ٿي سگهندي.‘

اها حقيقت آهي تہ سندس خيال آدرشوادي آهن ۽ ڪٿي ڪٿي ڇيد حقيقتي آهي تہ حل آدرشوادي ۽ ڪٿي حل حقيقي آهي تہ ڇيد آدرشوادي پر اها تہ وقت جي خصوصيت آهي. جن حالتن ۾ ديوان ڏيارام رهيو، تن حالتن پٽاندر ئي هن حالتن سان ڇڪري ڪاڏي، حالتن کي موڙي، سماج کي اڳتي وڌايو.

(ساهت سگنڌ ١٩٥٨ تان)

ئي ائين ٿو ڪري- ’٢٢٢ ورهيہ ٿيا تہ سنڌ جي صوفيانيءَ گلستان ۾ هڪڙو اهڙو گل گلابي پيدا ٿيو، جنهنجي حسن جي هٻڪار، اڄ سوڌو روحاني رستي جي ڪيترن ئي ٿڪلن ٽٽلن مسافرن کي، ڪيترن پريم جي پيچري تي پنڌ ڪندڙ پانڌيئڙن کي آنند ۽ آٿت پئي ڏنو آهي.‘

ساڳيو ليکڪ، ’شاھ جي آکاڻين جي سمجهاڻي‘ ۾ شاھ جي جدا جدا سرن ۾ ڪنيل آکاڻين جي تمثيلي معنيٰ سمجهائي آهي- سهڻي ميهار جي معنيٰ هينءَ ٿو سمجهائي: ’سهڻي اُهو طالب آهي جنهن کي ڏم قبول نہ آهي- ڏم آهي نفس- هن دنيا جي چِڪ. سهڻيءَ کي اُنهيءَ ڏم کان ڪٽائي پيدا ٿي آهي، ۽ ميهار، ساهڙ يعنيٰ محبوب، مرشد يا مالڪ سان اُنجي محبت ٿي آهي.‘

راءِ ڏياچ جي آکاڻيءَ جو راز هي آهي: ’راءِ ڏياچ ’طالب‘ آهي، جنهن کي ڪانکي يا جڳياسو پڻ چئجي... ٻيجل سهڻو مرشد آهي جو الم ديس جو واسي آهي...‘

ائين شاھ جي سڀني آکاڻين جي اندروني معنيٰ سمجهايل آهي. منهنجي خيال ۾ ڪٿي ڪٿي معنيٰ هرويرو ڇڪي تاڻي ڪڍي ويئي آهي. پر هن ڪتاب پڙهڻ بعد شري جيٺمل جي جدا جدا مذهبن بابت علم کي ساراهڻ کانسواءِ رهي نٿو سگهجي ۽ ائين هن ڪتاب ۾ ڪيتريون مشاهبتي تنقيد جون سٺيون جهلڪون موجود آهن.

مرزا قليچ بيگ، ’سنڌي شعر‘ ۾ فرمائي ٿو، ’مون پنهنجي وت آهر ٿوري گهڻي ڪوشش ڪئي آهي. سندس تاريخي احوال لکيو اٿم- سندس رسالو جو اڳي اڌورو هو سو وري نئون ڇپايو اٿم، سندس رسالي جي خلاف لغت يا لغات لطيفي ڇپائي اٿم... سندس رسالي ۾ کهڙو مضمون يا کهڙو بيت ڪٿي ليندو تنهن لاءِ رسالي جي ڪنجي ڇپائي اٿم...‘

هن درسي نموني جي تنقيد جي ڪتابن ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جو مقدمہ لطيفي (جو شاھ جي رسالي- ڀاڱي پهرين جو مهاڳہ هو ۽ پوءِ ١٩٣٦ جو جدا ڪتاب ڪري ڇپايو ويو) کوجنا وگيان تي ٻڌل ڪتاب آهي. ساڳئي نظريي رکندڙ ٻين نقادن جي ڪتابن کان هي ڪتاب بهتر آهي. هن ڪتاب ۾ شاھ جي زندگي بابت احوال، شاھ جو مذهب، تصوف ۽ ويدانت، شاھ جو شعر ۽ شاعري، شاھ جي شعر جو مضمون ۽ عبارت، شاھ جو نظم، شاھ جي سنڌي،

شاه جون نحوي بناوتون، رسالي جي تصنيف ۽ تاليف، سرن سان عالماڻا مضمون آهن.

هن ڪتاب ۾ شاه جي شعر جي ورهاست اهم آهي، جا روايتي ورهاست کان علحدي آهي. شاه جي عاشقاڻي (مجازي) طبيعي ۽ ظريفاڻي شعر کي الڳ هستي ڏني ويئي آهي.

شيڪسپيئر لاءِ رسڪن چيو هو تہ سندس ڊرامن ۾ نائڪ آهن ئي ڪونہ، صرف نائڪائون ئي آهن ۽ ائين سندس نائڪائن بابت ڪيترائي ڪتاب لکيا ويا آهن. ساڳئي نموني شري نارائڻداس ميوارام ڀمڀاڻي 'شاه جون سورميون' نالي ڪتاب لکيو آهي. پر هن جي سمجهاڻي پڻ آتمڪ واد سان ڳنڍيل آهي. هو چوي ٿو، 'سندس سورميون روحاني تلاش ۾ رڌل آهن...'

ورهاڱي بعد هندستان ۾ پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ جو ڪتاب 'شاه' نڪتل آهي. اهو پڻ ڪاليجي ڏانوَ جو آهي. حقيقت ۾ اهو ڪتاب بمبئي يونيورسٽي جي بي-اي امتحان لاءِ مقرر پڻ ٿيل هو. هن ڪتاب ۾ ليکڪ شاه جي شعر جي ڪن ڪن نون پهلن تي روشني وڌي آهي. مثلا 'ناٽڪي طرز' ۽ 'شاه جا سورما.'

مٿي ذڪر ڪيل ڪيترن ئي عالمن شاه جي وطن دوستيءَ بابت لکيو آهي، پر سندن نظريو آدرشوادي آهي ۽ نہ اتهاسڪ. پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي پڻ شاه جي وطن دوستيءَ تي لکيو آهي پر هن، شاه کي وطن دوست تائين محدود نہ ڪري، شاه جي عالم دوستيءَ بابت پڻ لکيو آهي- هو چوي ٿو، 'ظاهري ويس سان شاه جو ڪوبہ تعلق نہ آهي. چيني، رومي، سمرقندي، ترڪي، مغربي وغيره مڙيئي هڪ عالمگير برادريءَ جا فرد آهن، جنهن ۾ هرهڪ سچو انسان پاڻکي گم ڪري سچي سرشٽيءَ سان پاڻکي هڪ ڪري ٿو ڇڏي.

جز وڃايو جوڳيئن، ڪل سين آهين ڪم' (سررامڪلي)

حقيقت ۾ اهو مضمون پهرين 'قليلي' مخزن ۾ آڪٽوبر ١٩٣٦ ۾ ڇپيل آهي.

ڪن عالمن شاه کي نئين نظر سان ڏسڻ جي شروعات ڪئي آهي. سندن نظريو تاريخي ماديت ۽ جذباتي ماديت تي ٻڌل آهي ۽ سندن نمونو سماجي آهي. هن نئين نظريي واري تنقيد جي شروعات شري تيرٿ بسنت پنهنجي مضمون 'شاه جو سنهيو' ۾ ڪئي، جو سندس مضمونن جي ڪتاب 'ڇڳون' (١٩٣٠) ڇپيل آهي. هو چوي ٿو 'خيال جو مطلب خيال ۾ آه' شايد ڪنهن فيلسوف

جو سنبنڌ ڌرم جي بنياد تي نہ، پر محبت جي بنياد تي رکيو. تصوف جدا جدا ماڻهن وچ ۾ ميلاپ جو ڦهلاءُ ڪيو. ان جاگيردار نظام جي مردار رسمن رواجن جي ڪڙي مخالفت ڪئي. اهو ظاهر پرستيءَ جي خلاف هو. ان انساني دوستي ۽ رواداريءَ جي سکيا ڏني...'

ورهاڱي کان ٿورو اڳواٽ شري جيٺمل پرسرام 'مهراڻ' جي آڪٽوبر ١٩٤٦ع ڌاري پرچي ۾ شاه جي انترراشٽريتا جي حامي هئڻ ۽ شاه جي سياسي سنيهي بابت ليک شايع ڪيو. سندس نظريي ۾ ڪي مادياتي ويچار ڌارا جا عناصر موجود آهن. پر اهي بلڪل ڌنڌلا آهن. هو چوي ٿو:-

''فڪيون فدا ڪري پوءِ پٽريائين پون.''

سو سياست بہ انهيءَ اصول تي بيهارڻي آهي.

'سياسي زبان ۾ ڪل کي چون سٽيٽ يعني رياست ۽ جزي کي چرو انڊويڊيوئل چئجي- چري جو فرض آهي سچي وٽ نمڻ، هڪڙي جو فرض آهي سيني لاءِ مرڻ، حڪومت جو بہ فرض آهي سيني جي ڳڻتي رکڻ. ڪوبہ چرو پاڻکي ملڪ جو مالڪ نٿو بڻائي سگهي. جڏهين چرا هڪ ٿيندا، جڏهن جدا جدا قومون ٽوٽي ملڪ هڪ ٿيندا تڏهين ڀلو ٿيندو.

''ڪٺا منجھ قرار هئا هيڪاندا سنگہ ۾

سي ڳاهي ڳاھ فراق جي ڪيا ڌارون ڌار''

شاھ جي سياسي پيغام پهچائڻ لاءِ جو سنڌ ۾ ڪتاب نڪتو آهي سو آهي جي.ايم.سيد جو 'پيغام لطيف.' هن ڪتاب ۾ پڻ شاه کي سياسي نظريي سان ڏسي پيش ڪيو ويو آهي ۽ باوجود ڪن هنڌن زوري سياسي معنيٰ ڪڍڻ جي، اهو ڪتاب 'سنڌيت' جي هلچل ۾ هڪ يگاني جڳھ ٿو رکي. هي ڪتاب اڳتي هلي 'سنڌيت جي هلچل جو بائيبل' بڻجي تہ شڪ نہ آهي. هن ڪتاب ۾ ڪيترائي صفحا شاھ جي وقت ۽ ڪانئس اڳواٽ اسلامي دنيا جي جدا جدا ويچارڌارائن جو بيان ڪيو ويو آهي ۽ ان وقت جي سياست جي پس منظر ۾، اهو ڏيکاريو ويو آهي، تہ شاھ صاحب جي سنڌ جي هڪ جدا حيثيت جي خيال جي پنيرائي ڪئي آهي ۽ ان وقت اورنگزيبي طريقي، 'پئن اسلامي' فاشست جزن جي مخالف ڪندي مذهب ۽ سياست کي الڳہ رکڻ جو نظريو پيش ڪيو آهي. شاھ جو مذهب جو نظريو وسيع آهي. جي.ايم.سيد چوي ٿو، '(شاه) مسلمان جي جداگانہ قوم جي نظريي

ڪي اميرانہ ذهنيت جو سمجهي ٿو. هن جي خيال موجب جهڙي طرح سج جي روشني ۽ هوا ڪي چند شخصن ۽ طبقن جي ملڪيت تسليم ڪرڻ ۽ بنائڻ انسان ذات جي ڪثير تعداد سان ظلم ۽ دشمني ڪرڻ برابر ٿيندو، اهڙي طرح حق ڪي بہ محدود ڪري ڪنهن مخصوص گروهہ جي ملڪيت يا ورثو بنائڻ ساڳئي ذهنيت جو نتيجو ٿيندو...'

۽ اڳتي هلي ساڳيو ليکڪ چوي ٿو، 'شاهہ صاحب، ذڪارين مهانگو ميڙڻ وارن، پنجن مان پندرهن ڪرڻ وارن ظالم زميندارن جي سخت برخلاف هو. اُنهنجي ختم ٿيڻ جون دعائون گهريون اٿس...

''پنجن مان پندرهن ٿيا، ايئن تا ورق ورن،
ذڪاريا ڏيهہ مان، شال موذي سڀ مرن،
وري وڏي وس جون، ڪيون ڳالهيون ڳنوارن.''

ساڳئي بيت لاءِ اُتم مٽي ذڪر ڪيل پنهنجي مضمون ۾ هن ريت ٿو سمجهائي ڏئي. هو چوي ٿو، 'جيڪڏهين اتهاسڪ درشٽيءَ کان ڏسبو تہ مٿئين بيت ۾ شاهہ رڳو ذڪارين ۽ چور مارڪيٽ ڪندڙن تي پٽ نٿو وسائي، پر سرمايداري سماج جي بنياد جي تشريح پڻ ڏئي ٿو. اسانکي سڌ آهي تہ سرمايداري سماج جو بنياد آهي. نفعي تي- مهانگو لهي ميڙڻ ۽ پنجن مان پندرهن ڪرڻ. جيڪڏهين اهو بنياد ڪڍيو وڃي تہ سڄو سرمايداري سرشتو اچي پٽ پوي.'

حقيقت اها آهي تہ مٿيون بيت پنهنجو مٽ پاڻ آهي ۽ اُنهہ چاتل سچاتل ڳوٺ جي واڻئي ۽ زميندار جي شڪل جون ڪي ريکائون ظاهر آهن.

وقت بوقت سنڌ ۾ 'شاهہ يادگار ڪائونسل' پاران شاهہ جي ورسيءَ تي ڪي مضمون شايع ڪيا پئي ويا آهن. جنجو ذڪر ڪنهن ٻئي دفعي ڪبو.

(نئين دنيا- ۱۹٦۲ تان)

# لاکيٽو لعل

بمبئيءَ جي اپريل مهني جي تاک منجهند- گرمي ايتري جو ڪانوَ جي اک پيئي نڪري. ١٨ تاريخ، سانتاڪروز (اوپر) ۾ هڪ رواجي گهر جو رواجي ڪمرو. هڪ شخص، سمهيل آهي. سندس سرير ڪمزور، پر ڪنهن وقت رشٽ پشٽ هئڻ جي ساک ڀريندڙ، زرد چهرو، اکين ۾ چمک ۽ چپن تي مرڪ...

'... ڪراچي ... حيدرآباد... سنڌوءَ جو ڪنارو... ڀٽ شريف... سنڌ جا سادا سودا غريب ڳوٺاڻا... ڀنيور... ملير... لهندڙ چڙهندڙ لاهه واريون ڀٽون... اُٺن جا قافلا... هڪ انوکو سنگيت... پنهنجا جاٺل سڄاڻل دوستن جا چهرا...'

هو شخص هي سڀ نظارا اکين ۾ پورڻ جي ڪوشش ٿو ڪري- نظارا جي سندس آتما جي گهراين ۾ جڻ چٽيل آهن. سنگيت، جو سندس آتما ۾ سمي چڪو آهي ۽ درد ڀڃي سندس

> اسان گذريل سال سنڌي نثر جي مايہ ناز ترمورتي سرڳواسي لعلچند امرڏنومل، جيٺمل پرسرام، ڀيرومل مهرچند جي ياد ۾ انعامي چٽاڀيٽي رکي هئي جنهن ۾ بهترين ليکڪ لاءِ ٣٠ رپين جو انعام رکيل هو.جيڪو شري موهن گيهاڻيءَ کي مليو. فيصلي لاءِ ٽن ججن پروفيسر ايم.يو. ملڪاڻي، شري منو گدواڻي ۽ شري اُتم جي ڪاميٽي هئي. هن سال پڻ چٽاڀيٽي چالو آهي، جنهن بابت پڌرائي ٻين صفحن تي ڪيل آهي. (سمپادڪ)

نس نس ۾ گهمي رهيو آهي؛ وري نہ جاڻ ڪٿان پرگهٽ ٿي سندس ڪنن ۾ پيو ٻري. نظارا سندس ڪين آڏو اچي بيٺا آهن ۽ هو وري هڪوار اُنهنکي سدائين لاءِ پنهنجي اندر سمائڻ لاءِ اکيون پوري ٿو ڇڏي. سدائين لاءِ...

٦٨ سالن جي ڪايا ڇڏي شري لعلچند امرڏنومل جڳتياڻي سدائين لاءِ اکيون پوري ڇڏيون ۽ ائين سنڌي ساهت جو هڪ دوُر ختم ٿيو. سنڌي ساهت جي اُن دوُر کي ختم ٿئي ڏهه سال گذري چڪا آهن ۽ اڄ اهو ضروري آهي تہ اسين سنڌي ساهت جي اُن دوُر جي معنيٰ ۽ اهميت کي وري سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون.

موجوده وقت جون اسانجون سنسٿائون، اسانجا قدر ۽ ذهني توڙي ادبي روايتون مغرب جي تعليم جو نتيجو آهن. هن جو مطلب اهو نہ آهي تہ اسانکي پنهنجي پرمپرا نہ آهي، پر 'خيال' ڪنهن بہ ملڪ جي حدن ۾ روڪي نٿو سگهجي. خيال، تعليم ۽ ادب رستي پکڙجندو ويندو آهي ۽ سيني ملڪن تي پنهنجو اثر ڄمائيندو آهي. هندستان ۾ سنڌ جو پرڳڻو انگريزن آخر ۾ کٽيو. تنهنڪري سنڌ ۾ انگريري تعليم ۽ انگريزي خيال جو ڦهلاءُ ٻين پرڳڻن جي ڀيٽ ۾ دير سان ٿيو. سنڌ تي انگريزي قدرن ڪي ڪٿي ڪن خيالن جو ڦهلاءُ ۽ سوچڻ جي طريقي جو اثر سڌو انگريزي ادب مان ۽ اڻ سڌو ٻين پرڳڻن جي ادب مان بہ ٿيو.

جنهن وقت انگريزن سنڌ فتح ڪئي، اُن وقت انگلنڊ ۾ مهاراڻي وڪٽوريا انگلنڊ جي تاج جي مالڪڻ هئي. انگريزي تاريخ ۾ مهاراڻي وڪٽوريا جو سمو ڪن مخصوص روايتن، سوچڻ جي طرز ۽ قدرن جو نمائيندو آهي، جنهن دؤر ۾ 'ڇو؟ ڇا؟ ڇاڪاڻ؟' اهي سوال پڇڻ بنا ئي مذهب ۽ ڌرم جي نالي ۾ جيڪو ڪجھ چيو ويندو هو سو ويسورن جيان قبول ڪيو ويندو هو. هرڪا ڳالھ اڳوات ئي طئہ ٿيل هوندي هئي. صرف ڪتاب ڪٿي معلوم ڪرڻ جي دير هوندي هئي. فيلسوفيءَ جي ڪيتر ۾ مذهب ۽ ديول جي فتويٰ آخرين لفظ هو. ۽ ائين آدرشوادي فيلسوفي ۽ اُن سان وابست قدر قبوليا ويندا هئا. پر پونجيواد جي تضاد ۽ کوکلائيءَ ڪري، آدرشواد حقيقي زندگيءَ سان وابست نہ هوندو هو تنهنڪري وڪٽوريا يگہ جي پوين، مٿاڻن ڀروپي پٽي جي تهمت هنئين. اڻويهين صديءَ جي پڇاڙيءَ جي ۲۰ سالن ۾ وڪٽورين قدرن ۽ پرمپرا خلاف بغاوت شروع ٿي ۽ 'خيال' بدليو ۽ دليل ۽ عقل، منطق جو يگہ شروع ٿيو، جڏهن هرڪا چيز، هر گفتو ڦيرائي گهيرائي جاچي پوءِ ٺوڪٽا ڪيو ويندو هو يا قبول ڪيو ويندو هو. ڪابہ سند، سند هئڻ ڪري قبولي نہ ويندي هئي. اُن يگہ جو اهم ڪتاب آهي ڊارون جو، جنهن اِنساني اتهاس بابت سڄو پس منظرئي بدلائي ڇڏيو.

پونجيواد ۽ سامراجواد جي تضاد وڌڻ ڪري پهرين مهاڀاري لڙائي ڪري ليکڪن تي راجنيتي، اقتصادي، ۽ سماجي پهلن جو اثر پيو. ائين انگلنڊ جي خيال ۽ قدرن جي جدا جدا دؤرن جو اثر هندستان تي پڻ پيو. اها حقيقت آهي تہ ڪوبہ خيال سدائين پرالو يا اوپرو نٿو رهي سگهي پر خيال نئين زمين حاصل ڪرڻ وقت پنهنجون ڪيترين ئي خصوصيتون وڃائي اُن نئين

ٻين جيون جهڙو جيو آهي، سو پاڻ جهڙن سان سنمک ٿي ساڻن انهيءَ ئي حيثيت ۾ ڳالهيون ٿو ڪري. هن کي لڳن هڪڙي ئي لڳل آهي ته اهي لوڪ سڃاڻ پنهنجي ڏمر تي ڏاها ٿين ته جن سندن ئي جهڙن جيون کين پتت ڪيو آهي تن جو ڪئن ٽڪ مان ور لاهي پنهنجي آرٿڪ جيوت کي اهو ور ڏيارين، جنهن جو هرهڪ جيوَ کي جنمي اڌڪار آهي.'

چون ٿا ته هڪ ميڙ ۾ ڪلي طرح چٽي ڏنائين ته غريبيءَ ڪري ٻليڊ وٺي سگهڻ جي سمرٿي نه هئڻ ڪري ڏاڙهي ٽٽو لاهيان. پنهنجي غريبي قبولڻ ۽ اپنائڻ لاءِ جريت گهرجي، خاص ڪري جڏهن هٽ هرڪو چماٽ هڻي ڳنو ڳاڙهو ڪرڻ ۾ شان سمجهندو آهي. اهو ڏيکاريٽو ته هن پڇاڙيءَ ۾ بورجيا سماج جي ڏيکه ويکه وارا قدر ڦٽا ڪري حقيقت پرست ٿي حقيقتن کي اپنايو ۽ بنا للي چپيءَ جي.

سندس وصيعت اسان لاءِ روشن منار آهي. جڏهن اڄ سنڌ جو نالو وٺڻ تي ڪي صاحب ڪفر ۽ وطن پرستيءَ تي ٽڪو ٿا سمجهن، تڏهن اهو ياد ڪرڻ گهرجي ته سرڳواسي جيئمل جا ٻار سندس سنک ناسڪ ۾ پرواهه ڪري آيا ته شري لعلچند جي دل مان دانهن نڪري ويئي 'اسان جا سنک سنڌوءَ ۾ پرواهه نه ٿيندا؟' ۽ سندس وصيعت موجب سندس سنک ١٧ اپريل ١٩٥٦ تي سنڌوءَ ۾ پرواهه ڪيا ويا. هن سنڌ جي يادگيري ۽ سنڌ، سنڌوءَ جي سنڌي ٻوليءَ جي بنياد تي سنڌيت جي هلچل ٻڌل آهي، پوءِ ڀل ڪو ڪافر چوي يا ديش دروهي چوي، سڀ ملامتون قبول آهن.

(نئين دنيا- ١٩٦٥ تان)

# اسانجي دنيا، اسانجا اديب

'مهرباني ڪري ٻڌائيندا تہ شاعر ڪھڙي خاص بنياد تي ساراھ جو حقدار ٿي سگھي ٿو؟'

اهي لفظ گريڪ شاعر ارسٽافنس ڪوي ايڪلس جي زبان مان پنھنجي ڪتاب 'Frogs' ۾ چوائي ٿو. هنن لفظن سان يگن کان ساهت سان لاڳو سوال اسانجي سامھون ٿو اچي. ساهت جي مقصد آهي؟ جي آهي تہ ڪھڙو؟ 'ها' يوريپڊس جواب ٿو ڏئي، 'جيڪڏهين سندس ڪلا سچي آهي، سندس صلاح سني ۽ قوم لاءِ فائدي واري آهي، ماڻهن کي ڪنھن نموني بهتر ٿي بڻائي.'

جيڪڏهين ساهت کي ڪنھن بہ مقصد ۾ 'جڪڙڻ' واجب نہ سمجھيو وڃي تہ اها ڳالھ الڳہ آهي پر هڪ پيرو اهو قبول ڪيو وڃي تہ ساهت کي مقصد آهي تہ پوءِ ڪيترائي سوال پيدا ٿا ٿين ۽ اُهي سوال هر يگہ ۾ پيدا ٿيندا رهيا آهن.

هر فنڪار ۽ ڪلاڪار پنھنجي يگہ جوئي ڪلاڪار آهي ۽ اڄ ڪلاڪار کي يا ساهتڪار کي ڪلا يا ساهت نرماڻ وقت ڪھڙو مقصد اڳيان رکڻو آهي؟

اڄ اسانجو يگہ بحران (Crisis) مان گذري رهيو آهي. ڪيترن ئي دانشورن هن بحران جي ڪارڻن ۽ روپ بابت ڪيترائي مت پيش ڪيا آهن.

اڄ اسين اهڙي دور مان گذري رهيا آهيون، جڏهين انسان کي سدائين 'ڪرڻ' جو، ڪنھن اونھيءَ کاهيءَ ۾ 'ڪرڻ' جو ڀاو ستائي رهيو آهي. هيءُ بحران صرف انترراشٽري سطح تي محدود نہ آهي پر اسين پنھنجي ملڪ ۾ پڻ ان بحران واري دور مان گذري رهيا آهيون. جيڪڏهين دائرو گھٽائي صرف سنڌي سماج جي ڳالھ ڪئي وڃي تہ معاملو وڌيڪ گنڀير نظر ايندو ڇاڪاڻ جو سنڌي زندگي هڪ انقلابي دور مان گذري چڪي آهي، ۽ انقلاب بعد پيدا ٿيل حالتون، ملڪي حالتون ۽ انترراشٽري سطح تي بحران، سڀني جو ڪل اثر سنڌي زندگيءَ تي پوي ٿو.

جدا جدا سطح تي هن بحران جا جدا جدا سبب آهن ۽ جدا جدا شڪتيون ڪم ڪري رهيون آهن. اڄ هن دنيا جي بحران جو سبب ڪھڙو آهي؟

سبب اهو آهي تہ اڄ دنيا جي هڪ حصي ۾، انسان زندگيءَ

اهو وحدت الوجودت جو فلسفو اسلام جي ڪٽر اصولن سان ان لهنڪدڙ آهي ڇاڪاڻ جو قران شريف موجب انسان ۽ خدا جو رشتو مالڪ ۽ غلام جو آهي (۱) پر پوءِ ڪيترن وري هن فلسفي جو بنياد قران شريف ظاهر ڪيو آهي. جيئن تہ 'خُدا' انسان جي ڪن جي نس کان بہ ڪيس وڌيڪ ويجهو آهي. خدا دنيا ۽ آسمان جي روشني آهي. اسان خدا مان آهيون ۽ آٽي واپس ورڻا آهيون ۽ ٻيا ڪيترائي مثال ڏيندا آهن.

اها حقيقت آهي تہ تصوف اوائلي اسلامي فيلسوفي ۾ هڪ نئون مُرڪب خيال آهي. حقيقت ۾ اسلام جي اوائلي دور ۾ جڏهن دمشق مان بغداد اسلامي دنيا جو مرڪز بدليو اُن وقت ڪيترائي نوان خيال ۽ فلسفا 'اسلامي' خيال کي اثرانداز ڪرڻ لڳا. 'هن وقت عربي اثر تي فارسي خيال غالب پوڻ لڳا. ايران تي هن وقت ٻڌمت ۽ ويدن جي فيلسوفي جو ڪنهن نموني اثر هو ۽ ائين هندن جا مخصوص خيال صوفي مت ۾ داخل ٿي ويا ائين صوفي مت ڪيترين ڌارائن جو خوشنما مرڪب آهي جنهن ۾ ڪٽر اسلامڪ اديوتواد جو سَرِوَ ايشورواد (Pathetic) مت جي سونهن سان ميلاپ ٿيو آهي.'

هندستان ۾ اسلام مذهب ۽ اسلامي حڪومت سان گڏ ڪيترا صوفي پڻ وقت بووقت اچڻ لڳا. جن سڄي هندستان ۾ جدا جدا هنڌن تي پنهنجي عقيدي جو ڦهلاءُ ڪرڻ شروع ڪيو. مرزا قيليچ بيگہ پنهنجي ڪتاب 'تصوف' ۾ چويٿو، 'شيخ بهاوالدين ذڪريا جنهن سنڌ ۾ صوفي مت جو آغاز ڪيو، تنهن جا ٽي گهرا دوست هئا، سيد جلال بُخاري (جو اڳتي هلي مخدوم جهانيان ٿيو) شيخ فريدون شڪرگنج دهلوي ۽ شيخ مهروان مروندي، جو اڳتي هلي سيوهڻ جو لعل شهبار قلندر ٿيو. هو امام جعفر العامت جي خاندان مان هو ۽ ڪهنبا ڪپڙا پائڻ ڪري (لال شهبار) طور مشهور ٿيو. هن چوياريءَ ۾ پنجون رُڪن شاه، شاه بو علي قلندر پڻ هو. غزاليءَ جي صوفي مت ۾ ڏهني تت ۾ شيخ عبدلقادر جيلاني عشق جو عناصر جوڙيو ۽ ائين عقل مٿان عشق کي ترجيح ڏني. اهو قدم صوفي مت کي هندستان جي ڀڳتي مارگہ جي ويجهو آڻڻ ۾ اهم هو.

خوار ۽ ذليل رهن.' (P .531)

'اورنگزيب جي زماني ۾ هڪ 'دلچسپ' هستي سرمد آهي. جنهن کي عالمگير اوائلي دور ۾ موت جي سزا ڏني هئي. (★)

ظاهر آهي تہ جيڪي عناصر اڪبر بادشاهہ جي وقت ۾ شڪست کائي پنهنجا زخم چٽي رهيا هئا، آهي اسي سالن تائين موقعي جي تلاش ۾ رهيا. عوام ۾ پنيرائي کان ڪٽيل هنن لاءِ محلاتي منصوبن جي چال کانسواءِ ڪوبہ رستو نہ هو ۽ اهو موقعو کين شاهجهان جي آخري دور ۾ پائرن جي اندروني جنگ ميسر ڪري ڏنو ۽ ائين اها جنگ بہ نظرين جو ٽڪر بڻجي پيئي. ساڳئي ليکڪ جي قول کي وري دهرائجي تہ، 'اڪبر کان اسي ورهيہ پوءِ شريعت جو دور شروع ٿيو. جڏهن شاهہ جهان جو ٽيون پٽ گاديءَ تي ويٺو. هو قابليت، ڪئريڪٽر ۾ پختو، محنتي، دورانديش، طبيعت ۾ ٿڌو، جذبات تي قابض ۽ بهادر سپهسالار هو. انتها پسند وحدت الشدودي هو.' (★★) ائين رياست ۽ مذهب جو اتحاد اُن وقت وري پنهنجي عروج تي پهتو.

عالمگير اورنگزيب جي موت بعد سڄي مغل سلطنت پتن جي گهر جيان ڪيئن تڪڙي ڍهندي ويئي ۽ انگريزن هندستان تي ڪيئن قبضو ڪيو، هن اتهاس جي هرڪنهن کي خبر آهي. پر سياسي طاقت بدلجڻ جي باوجود مسلمانن جي ذهني ۽ ديني زندگيءَ تي غلبو هن ڪٽر ۽ تعصبي ٽوليءَ جو قائم رهيو ۽ ائين سنڌ کي ڇڏي اڪثر سڄي هندستان ۾ وحدت الوجود جي پيٽ ۾ نفاق ۽ ويڇي، پيار ۽ خلوص جي جاءِ تي جوش ۽ نفرت جو جذبو برتري تي رهيو آهي، جيتوڻيڪ مسلم عوام گهڻو تڻو

---

(★) هن صاحب جو چوڻ آهي تہ سرمد يهودي هو ۽ ڪنهن ڇوڪري جي عشق ۾ اڙجي ويو هو.

(★★) 'شهنشاهہ اورنگزيب کي خط مرڻ وقت لکيا هئا جن ۾ پنهنجن ڪيل ڪمن جو پڇتاءُ ڪيو هئائين اهي خط Last words of Aurangzeb ڪٺي پڙهيم ۽ دل ۾ آيو تہ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪريان... پوءِ هرهڪ سنڌي معني (چيٽ، وساڪ وغيره) تي بيت جوڙي بارهن ماهہ لاهيم، جنهن ۾ مضمون سمورو اهو خطن وارو آندم'... پيرومل مهرچند آڏواڻي -سنڌي هندن جي تاريخ جي ڦهاڳہ ۾.

جو سلسلو گهٽو ڪري ڪلهوڙن جي وقت ۾ ٿيو. ائين سنڌ جا سنڌي هندو ڪيترين صديون ٻاهر رهڻ بعد، الڳ الڳ تهذيبن کان اثرانداز ٿي سنڌ جي مُرڪب ڪلچر جي ڌارا ۾ شامل ٿيا. ڀڳتي هلچل جو سهڻو ۽ انمول خزانو ۽ چيھ آهي، گرو گرنٿ صاحب. شري گرو گرنٿ ۾ وقت جي عظيم ڀڳتي مارگ جي شاعرن جي اهم چونڊ شاعري درج ڪيل آهي ۽ اُن خاص ڪري سنڌ ۽ پنجاب جي هندن جي ڌرمي عقيدن ۽ خيالن تي گهرو اثر ڪيو آهي.

'ڀيرومل مهرچند جي ساڳئي ڪتاب مان ئي حوالو ڏجي ٿو'، 'ميان نور محمد ڪلهوڙي جي وقت ۾، ملتان سندس هٿ ۾'. ملتان ۽ اُچ طرف گشت ڪندي، ديوان آڏومل ۽ ٻين ڪن هندن سان ڏيٺ ويٺ ٿيس. پنجاب جي سکن ۾ گورو گوبندسنگھ ملٽريءَ جو ڀاو ڦوڪيو هو ۽ اُنهن ٻي طرح پڻ پاڻ کي ڪارائتو ثابت ڪيو هو. ديوان آڏومل ترار هلائڻ ۾ پڙ هو. ميان نور محمد پاڻ وٽ شمشيرزن مقرر ڪيسن ۽ پاڻ سان سنڌ ۾ آندائيس، پوءِ ته ٻيا به ڪيترا هندو جدا جدا وقتن تي سنڌ ۾ آيا...' (★)

'... اڪال پنٿ ڦهلائڻ لاءِ گرو گوبند سنگھ صاحب پنهنجا پرچارڪ سنڌ ۾ موڪليا هئا، جنهنڪري اُتي پڻ ڪيترا خالصا ٿيا. اُچ تائين لاڙڪاڻي ۽ ٻين هنڌ هرهڪ گهر مان هڪڙو نه ٻيو پاڻ کي سنگھ سڏائيندو آهي، پوءِ ڀلي ڪيس ڌاري هجي يا نه...' Page 80

'... ديوان گدومل سيني ڪانپوءِ مير فتح عليءَ سان گڏجي آيو ۽ جُمن شاھ جي پڙ نزديڪ خالي پيل پٽ والاريائين. اها گدواڻي گهٽي سڏجي ٿي. گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ مصر وهاريائون ۽ ٽڪاڻو جوڙيائون جو گهڻا گروءَ جا سک هئا...' Page 70

ائين ظاهر آهي ته ارغونن ۽ ڪلهوڙن جي وقت ۾ سنڌي هندن تي اٽسڌي طرح ڀڳتي مارگ ۽ سڌي طرح گرو گرنٿ جو ڪافي اثر هو ۽ هن فلسفي اسلامي وحدت الوجودت جي نظريي تصوف سان ضد ۾ نه پر ميلاپي هو ۽ ائين ٻنهي هڪ ٻئي کي طاقت پئي بخشي.

جيئن مٿي چيو ويو آهي ته اهو دور سنڌ ۾ بحران جو دور هو. حڪمران طبقي پاران جنگيون ۽ خونريزي، ظلم ۽ ڏهڪاءُ پنهنجي عروج تي هو. اُن وقت 'تقريبا پورا ٻه سو سال (١٥٢٠

---

(★) ڀيرومل مهرچند آڏواڻي- سنڌ جي هندن جي تاريخ 72 Page

جي بنياد تي آهي (★) سچل لاءِ پڻ ائين چوندا آهن تہ هڪ پيري بيمار ٿي پيو، پوءِ جڏهن ڪنهن سهڻي صورت ڪان ٣ ڏينهن ساندهہ سنگيت ٻڌائين تہ نونبو ٿي پيو. اڄ ڏينهن تائين سنڌ ۾ صوفي درگاهن تي راڳ عبادت جو اهم جزو ليکيو ويندو آهي.

روايتي صوفي مت ۾ مُرشد جو هئڻ لازم آهي ۽ اُنجو درجو اُتاهون آهي، پر شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ شاهہ جي سورمين ۽ شاهہ جي سورمن جي وچ ۾ مُرشد جو ڪوبہ دخل نہ آهي. اهو ڀڳتي مارگہ جو نمايان اثر ٿو ڏسجي.

شاهہ جو هڪ همعصر حضرت خواج محمود مان لنواري وارو پڻ هو. عجب اهو آهي تہ هي صاحب الشدود فلسفي جو پوئلڳہ هو. پر سنڌ ۾ اهو نظريو پڻ ڪيئن بدلجي ويو اهو هن ڳالهہ مان ظاهر. يعنيٰ سنڌ ۾ ڪوبہ تصوف جو نظريو پنهنجي اصلي صورت ۾ نہ رهيو. زمين جي گهرج سان ملي همسان ٿي پيو. حضرت خواجا جن جي ڳالهہ آهي، 'هڪ پيري هڪ هندو وٽن لنگهي آيو ۽ وينتي ڪيائين قبلا هن بندي کي اسم اعظم جي هدايت ڪريو' حضرت جن هن کي هدايت ڪئي. جڏهن هو موڪلائڻ لڳو تڏهن فرمايائونس تہ ظاهر ظهور تون بيشڪ هندو ڌرم جي ڪرياڪرم کي قائم رهندو اچ، پر باطن ۾ اسان توکي جا امانت عطا ڪئي آهي سا حفاظت سان سانديندو اچج.'

اهڙي نموني تصوف، ڀڳتي مارگہ- ويدانت هڪ ٻئي سان رلي ملي تاريخي تقاضائن موجب جڻ هڪ نئون نظريو جوڙيو جو سنڌ جي ترقي ۽ خوشحالي ۽ عظمت جو مارگہ هو.

جيئن مٿي ذڪر ڪيل آهي تہ مغل سلطنت جي خاتمي بعد پڻ مسلمانن جي ديني رهنمائي وري بہ ساڳئي اورنگزيبي الشدود واري نظرياتي ٽولي جي هٿ ۾ رهي آهي. انگريزن جي خلاف ناراضگي اڪثر مسلم عوام کي غلط رهنمائي ڪري سائنسي دنيا جي ترقي يافتہ علم سان پري رکيو ۽ هڪ بند ۽ الڳہ سماج

---

(★) (پر) شاهہ جي ڪلام جو پورو پورو مزو، اُنکي سُر سان آلاپڻ مان اچي ٿو. اُنهي ڪري ئي رسالي کي سُرن موجب ٻيهاريو اٿن. ڪن سُرن تي اصلوڪن هندستاني راڳہ راڳڻين جا نالا رکيا اٿن ۽ ڪن تي وري مضمون جي مدنظر ٿي.
'هوتچند مولچند گربخشاڻي- مقدم لطيفي Page 174

۽ وگياني اصولن کان منڪر ٿي ٿئي. آنسٽائين جي مت پڄري ٿيڻ بعد اهو مڃڻو پوندو تہ هرڪا چرپر ٻٽي طرف آهي. ائين مادو (Matter) وروڌي- مادو (Antimatter) ۽ دنيا (World) وروڌي- دنيا (Anti -world) پئدا ٿي ڪري. انسان جي داخلي ۽ خارجي (Objective) دنيا ۾ پڻ ترقي ساڳئي رفتار سان ٿي ٿئي. صرف هڪ ئي پهلو تي زور ڏيڻ سان صحيح نتيجي تي پهچڻ ناممڪن آهي. ڪجھ وچائڻ، پائڻ جي برابر ٿيندو آهي، جيئن:

'If man (has) lost in this way the dignity of being the master of the events, at least he could enlarge himself in another sense by uniting himself with long prespective of history...'

انسان جي ترقي کان منڪر ٿيڻ ۽ پوءِ صرف اندر ۾ جهاتي پائي 'انڌ انسان' کي ڳولڻ ناممڪن آهي. هتي ضرورت آهي انسان جي زندگيءَ جي مسئلن ۽ حقيقتن ڏانهن توجہ ڏيڻ ۽ جيئري رهڻ ۾ ياڳہ وٺڻ جو. صرف 'هئڻ' نہ، پر 'ٿيڻ' ۾. هن يگ ۾ جنهن پونجيواد زبردست سنڪٽ مان گذري رهيو آهي ۽ اهو گهوٽالو زندگيءَ جي هر پهلوءَ تي نمايان آهي، اُن وقت اُميد وچائڻ ٽئگور جي لفظن ۾ 'زبردست پاپ ٿيندو.' ★

## پرمپرا جو سوال

پرمپرا جي سوال کي هڪ پنهنجو انوکو اتهاس آهي، جو اسان کي يورپ جي تاريخ جي پس منظر ۾ سمجهڻو پوندو. يورپ ۾ جاگيرداري يگ ۾ طاقت چرچ ۽ جاگيردارن ۾ وراهيل هئين ۽ ائين زندگيءَ جي فلسفي لاءِ چرچ ئي جوابدار هئي. مارٽن ليودر جي بغاوت ۽ جاگيرداري سرشتي جي ٽٽڻ جي شروعات، نين قومن جي نهڻ وقت يورپ ۾ هڪ نئين جاڳرتا (رنياسانس) جي لهر پئدا ٿي ۽ ائين ڪيترين ئي مڃيل پرمپرائن کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي، پر الڳہ الڳہ بادشاهن، پنهنجو راڄ قائم رکڻ لاءِ چرچ سان وري سمجهوتو ڪيو، جنهن سمجهوتي ۾ چرچ نندو حصيدار ۽ راجائون وڏا حصيدار ٿيا ۽ عوام کي پرمپرا جي ڏور ۾ ٻڌي ظابطي هيٺ رکڻ جي چرچ دواران ڪوشش ڪئي ويئي. پر هڪوار جا ترقي چالو ٿي آها روڪجي نٿي سگهي. فرانس جو انقلاب يورپ جي اتهاس ۾ حد نشان آهي. انقلاب

---

★ 'I shall not, commit the grievous sin of losing faith in humanity'

'Artists of Past at least could keep silent in the face of tyranny. The tyrannies of today are improved, they no longer admit of silence or neutrality. One has to take stand, be either for or aganist.'

ڪاميو اڳتي هلي پنهنجو رخ ڦيرائي ويو پر تنهن هوندي پڻ سندس مٿيون بيان پنهنجي ساڳئي اهميت ٿو رکي. اڄ جي يگ ۾ ڪير بہ خاموش نٿو رهي سگهي. خاموش رهڻ نٿو ڏنو وڃي ۽ جيڪڏهن ڪلاڪار کي ڪجهہ چوڻو آهي، ڪا چوند ڪرڻي آهي تہ هو ڪهڙي چوند ڪندو؟

ائين 'ڇا' 'ڇو' جو سوال پئدا ٿيندو ۽ 'ڇو' جو سوال بنيادي طور قدرن ★ جو سوال آهي. قدرن جو سوال هرڪنهن ساهتيڪار لاءِ بنيادي سوال آهي. هن سوال کان منڪر ٿيڻ مشڪل آهي. خود لفظن، ڪردارن ۽ حالتن (Situation) جي چوند ۾ قدرن جو سوال پئدا ٿئي ٿو ۽ اهو ئي سوال سندس تخليق جو بنياد آهي. هتي قدرن تي ايترو زور هن لاءِ ٿو ڏنو وڃي جو بيان ڪيل ساهت- وروڌي ڌارا جا حامي قدرن کان آجا ٿيڻ جا اعلان ڪري رهيا آهن ۽ ائين طرفداريءَ جي سوال کي پڻ دقيانوسي چئي ٽارڻ جي ڪري رهيا آهن. سندن رخ ۾ تضاد پئدا ٿيو آهي. هو پاڻ کي قدر (پوءِ ڀلي وروڌي هجن) قبول ڪري رهيا آهن ۽ ڦهلائي رهيا آهن ۽ ساڳئي وقت تي پاڻ تن کان آجو هئڻ جي پڌرائي ڪري رهيا آهن.

هتي ٿوري ۾ ليکڪ جي رچناتمڪ پرڪريا Creative Process بابت سوچڻ ٺيڪ ٿيندو. ليکڪ قدرن جي کيتر ۾ ڪاريہ ڪري ٿو. هو ڪردارن ۽ حالتن کي الڳ الڳ قدرن ڏيڻ جي ٿو ڪوشش ڪري ۽ ائين زندگيءَ جو ڪشادو نظريو ٿو ڏئي. جيئن تہ عالمگير نظريو (World View) ناهڻ فلاسافرن جو ڪم آهي، تنهنڪري هرڪو ليکڪ ڪنهن حد تائين فيلسوف پڻ آهي، پر هو الڳ الڳ فيلسوفن جي نظرين کان الڳ نٿو رهي سگهي، (سواءِ اڻ ڄاڻائي جي حالت ۾) ڪنهن ويڇهڙائيءَ ۾ ڳالهہ ڪئي 'رچنا کان درشن طرف وڃڻ' جي. سنو ٿيو تہ ساهت مان زندگيءَ ڏانهن

---

★ 'The most difficult moment, the most insistently recurring moment under the most varying forms, in the history and dialectic of literary theory is that which touches VALUES, emotions.....'

سنڌي ڪردار ڪيترين ئي ڪاهون سليون آهن ۽ ائين پنهنجي اصليت (يعنيٰ زندگيءَ ڏانهن رخ) قائم رکيو آهي، پر هاڻي ٽٽڻ پکڙڻ وچ (Disintegration) جي باوجود پنهنجي هستي قائم رکي سگهندو يا نه اهو ته صرف اتهاس ئي ڏيکاريندو.

جيئن ته سنڌي الڳ الڳ هنڌن تي پکڙجي ويا آهن ۽ ائين هر ڪنهن ٽڪر جي زندگيءَ جو اثر اُنهن تي پوڻو آهي، تنهنڪري سنڌي ساهتڪار جي سامهون اهو پڻ مسئلو آهي ته هو سنڌي ڪردار کي ڪيئن ٻين ڪردارن کان الڳ ڪري پيش ڪري. چاڪاڻ جو ڪردار سنڌي ڳالهائي ٿو، صرف اُن ڪري هو سنڌي نٿو ٿي پوي. ڪو ليکڪ سنڌيءَ ۾ لکي ٿو سو سنڌي ليکڪ نٿو ٿي پوي ۽ جو ڪجهه سنڌي ٻوليءَ ۾ لکجي ٿو اُهو سنڌي ساهت نٿو ٿئي؛ پر سنڌي ساهت ۾ ڪي خصوصتون آهن- ڪنهن ڪلچرل پرمپرا جي زنجير جي ڪڙي آهي، تنهن ڪري ئي اُهو سنڌي ساهت آهي.

سنڌي ساهتيڪارن اڳيان اهو هڪڙو اهم مسئلو آهي ته ڪيئن هو هندستان جي جدا جدا ڀاڱن جي ڪلچرل خصوصتن ۽ سنڌي ڪلچرل جي نچوڙ (Core) ۾ رستو پيدا ڪن ۽ ائين جو سنڌي ڪردار پيدا ڪن سو ڪاله جو ڪردار نه هجي ۽ ئي وري 'انڊي شخص'- هرڪنهن زمان ۽ مڪان جي ٻنڌن کان مڪت، بي رنگو، بي-زيبائتو ۽ بي روش ڪردار.

(ساهت سڳنڌ)

## سنڌ مان هڪ خط

# "ڪهاڻيون هنس جون" تي تاثرات

هرسال، بيسٽ سنڌي سيا ممبئي طرفان شايع ڪرايل ڪتاب، تحفه طور، هنس صاحب طرفان ملندا رهندا آهن. اُن مطابق، 'هنس' صاحب طرفان سنڌي ڪهاڻيون هنس جون، 'بيسٽ سنڌي سيا' ممبئي طرفان سال ١٩٩٨ع ڏياري جي موقعي تي شايع ڪرايل به مليو. جيڪو هينئر منهنجي اکين آڏو آهي.

ڪتاب جو گيٽ اپ بهترين، پنو اوچو، بهترين ڇپائي، اٿس.

هن ۾ ننڍيون ننڍيون ڪهاڻيون ڏنل آهن، جيئن پڙهندڙ ۾ هنن ڪهاڻين جي پڙهڻ ۾ وڌ کان وڌ پڙهڻ لاء چاهه پيدا ٿئي ٿو. جنهن سان پڙهڻ جي دلچسپي ايتري ته ٿئي ٿي، جو هڪ وار پڙهڻ لاء هٿ ۾ کڻڻ سان پورو ڪرڻ کانسواء نه ڇڏيندءِ. هن ڪتاب ۾ ٻارن، ٻڍن، مردن، مهلائن، خواهه جوانن لاء دلچسپيءَ جو مواد ڏنل آهه.

خاص ڳالهه اها آهه ته، سنڌ جي ڪن اديبن وانگر، هن جي ڪهاڻين ۾، اگهاڙپ، جو عناصر شامل نه ڪيل آهي. اگر اُن ۾ مزاحيه نگاري (مذاق) ڪيل آهي تہ اها به فضيلت ڀريل لفظن سان ڪندي، ادب ۽ اخلاق جو دامن هٿان نه ڇڏيو اٿس.

هنن ڪهاڻين ۾ ٻارن، نوجوانن، ٻڍن ۽ مهلائن لاءِ، معلوماتي، تهذبي، مزاحيه، ناصحانه ڪهاڻيون ڏنل آهن، ۽ ڏنل مواد دلچسپيءَ کان خالي نه آهي.

هيءَ ڪتاب لائبررين ۽ گهرن ۾ رکڻ جي قابل آهه. ان سبب، سنڌ ۾ هنس صاحب جي تخليق ڪيل ڪتابن کي ساراهيو ٻيو وڃي. اسانجون دعائون آهن، مالڪ سائين سندس صحت سالم رکي، جيئن سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب جي خدمت ڪندو رهي.

سڪندرآباد، سنڌ.

٨-٩-١٩٩٩      غازي، محمد ايوب ظهير ضر.

JA CHITAYAM CHIT MEIN- Mohan Gehani

BEST SINDHI SABHA - Mumbai -39

PUSHP 42 - Year 1999 - 2000



موهن گيهاڻي

